هاري پبليڪيشن

# ڌرتي جو ڌڻي ڪير

مرتب:- تاج مري

قيمت:- ٣ روپيه

# ڌرتي جو ڌڻي ڪير؟

تعداد ---------- ٻه هزار

ڇاپو ---------- پهريون

ڇپائيندڙ ---------- تاج مهري

ڇپيندڙ ---- نصرت پرنٽنگ ايجنسي ڪراچي

پاران :-

## سنڌ هاري ڪاميٽي

# مهاڳ

طبقاتي سماج جي شروعات کان وٺي حاڪم طبقن محڪوم طبقن جو استحصال ڪيو آهي ۽ انهيءَ جي خلاف محڪوم طبقن هر دور ۾ جدوجهد ڪئي آهي. حاڪم طبقا اڪثريتي عوام تي راڄ ڪرڻ خاطر هٿيارن ۽ ناڻي کي استعمال ڪندا رهيا آهن. انهن کي پنهنجي بچاءَ خاطر پوليس، فوج ۽ رياستي ادارن جي ضرورت ان ڪري محسوس ٿي ته جيئن انهن ادارن جي ذريعي اڪثريت کي غلام بڻائي انهن جي محنت جي آڌر تي پڻ عياشيون ڪن ان ڪري اڪثريتي عوام بکن ۽ ڏکن جو شڪار رهندي آئي آهي اسان جي ملڪ ۾ پڻ طبقاتي سماج آهي هڪ مخصوص ٽولو اڪثريتي عوام جي سياسي، سماجي، اقتصادي ۽ قومي حقن تي ڌاڙو هڻيون ويٺو آهي. امير طبقا جيئن پوءِ تيئن پنهنجي ملڪيت ۾ اضافو ڪندا رهن ٿا ۽ سندن ڏٺ ڏانگر اڪثريتي عوام هارين ۽ مزدورن جي لٽ مار تي ٻڌل آهي. پورهيت زندگي جي سڀني سهولتن ۽ بنيادي ضرورتن کان محروم آهي. هاري ان ۽ ڪپهه جهڙا سونا فصل اپائيندا رهيا آهن. تنهن هوندي پيڙهين کان وٺي ٻار ۽ سندن ٻار بکيا ۽ اگهاڙا رهندا آيا آهن.

هن ملڪ جي وجود ۾ اچڻ وقت سرمائيدار نه هئڻ جي برابر هو جيڪو هو به نه ڪمزور هو. جاگيرداري سرشتو اڏوهي کاڌل سرشتو هو. جنهن ڪري جاگيردار پڻ

حيثيت برقرار رکڻ چاهي. ۽ ڪنهن حد تائين هو ان ۾ ڪامياب به ويا. حالانڪه اهو مراعات يافته طبقو هندستان ۾ ذرعي سڌارن سبب اڄ رکو وڌ ۾ وڌ ٥٠ (پنجاهه) ايڪڙ جو مالڪ هجي ها. سندن هندستان ڇڏي پاڪستان اچڻ جو اهم ڪارڻ اهو ئي هئو. ٻئي طرف ڪي ماڻهو جن ڪي هندستان اندر ڪيتيءَ جي خبر به ڪانه هئي، ڪليمن جي ٻل ذريعي پاڪستان اندر حرفت سان زمين جا ڏڌي ٻنجي ويا. هڪڙا اهي جيڪي هند ۾ به ڦورو هئا ۽ پيا هتي اچي ڦورو بڻيا.

اها سنڌ هاري ڪاميٽي ئي هئي جنهن جي ابتدائي جدوجهد ۽ جاکوڙ سان هارين لاءِ هارپ گرانٽ شرطن تي اٽڪل ڏيڍ لک ايڪڙ زمين ورڙو ئي.

باقي ٻه ٻراجون، ڪوٽري ٻراج ۽ گڊو ٻراج پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ ٺهيون. انهن ٻنهي ٻراجن جي ٺهڻ سان سنڌ جي زمين، هيڪاري سون پيدا ڪرڻ جهڙي ٿي پيئي.

انهن زمينن جي ورهاست ۽ الاٽمينٽ ڪيئن ٿي. هتي رڳو گڊو ٻراج جو ذڪر ڪجي ٿو. گڊو ٻراج ٺهي ته زمينن کي پاڻي ملڻ لڳو. پر زمينون سنڌ جي هارين وٽ نه رهيون. مختلف اسڪيمن هيٺ زمينون نيڪال ڪري، ڪاني هارين کي بيدخل ڪيو ويو جو انگريزن جي دور ۾ به ائين نه ٿيو هئو. سنڌ جي زمين لاءِ هميشه تاثر اهو ڏنو ويو آهي ته اتي فاضل زمين وڏي پئماني تي

معروف آغا شاهي، سندس پاءُ آغا هلالي، آمنہ بيگم، جسٽس مقصود خان، چوڌري نصير احمد ورت ۽ ٻيا ڪيترا وڏا آفيسر آهن. ذرعي سڌارا به فوجي عملدارن جي زمين سان لاڳو نہ ڪيا ويا، پر سرڪاري ملازمن جي زمين جي حد ملڪيت ١٠٠ ايڪڙ مقرر هئي. ان ڪري آغا شاهي، آغا هلالي ۽ ٻين سرڪاري آفيسرن جي زمين ذرعي سڌارن هيٺ اچي وئي هئي. پر تازو اهو معلوم ٿيو آهي تہ ذرعي سڌارن ۾ نيڪال ٿيل ايراضي وري کين واپس ڏني آهي.

ذيلام

ان وقت جي حڪومت اهو چيو تہ ٻيراجن تي ڪافي خرچ اچي چڪو آهي تنهنڪري ضروري آهي تہ ڪجهہ زمين نيلام ڪجي. نيلام لاءِ پاليسي اهڙي ڏاهي وئي جنهن سان هڪ ايڪڙ بہ مسڪاني ماڻهو حاصل نہ ڪري. هاري طبقو تہ هونءَ بہ غريب هئو پر گورنمينٽ جي اهڙي پاليسي اُهي جو هتي جو نالي ماتر ماڻهو زمين حاصل ڪري ٿي سگهيو. چاڪاڻ تہ هتي جي زمين جا وڏا وڏا لاٽ ڏاهيا ويا، گهٽ ۾ گهٽ لاٽ ٥١ ايڪڙن جو ڏاهيو ويو. اسڪيم تحت هڪ لک ٥٥ هزار ٧ سئو ٥٥ ايڪڙ زمين نيڪال هيٺ آندي وئي. جنهن سان ١٠ سيڪڙو کان گهٽ ايراضي مسڪاني وڏيرن کي حاصل ٿي. باقي سموري زمين بہ چوڌرين نيلام ذريعي حاصل ڪئي آهي ۽ انهيءَ زمين جون

ايڪڙ شڪارپور ضلعي ۾ ڏني ويئي. ڪجهه عرصو اهو پڌٽ ۾ آيو هئو ته نورجهان ۾ پين ڪجهه راڳيندڙن کي به سنڌ ۾ زمين ڏني وئي آهي. ان بعد ۾ اهسا ڳالهه عمل ۾ نه آئي.

## فوجي فائونڊيشن:

سنڌو درياهه جي نزديڪ واري زمين مڪاني ماڻهن وٽ هئي. انگريز سرڪار کي جڏهن ڪاٺ جي ضرورت پيش آئي ته انهن ڪي زمينون عوام کان ٻيلن لاءِ ورتيون ته جڏهن به اها زمين آباديءَ هيٺ ايندي ته اهي سموريون زمينون عوام جي حوالي ڪيون وينديون ساڳئي وقت کين فري پاس جسو به حق ڏنو ته سنڌن مال ٻيلن ۾ مفت چرندو هو. انهن ٻيلن ۾ سعيدپور، سالياني ۽ هنگورو شامل آهن. جيئن گڏو بيراج ٺهي تيار ٿي ته اهي ٻيلا سرڪار کسي سابق فوجين جي حوالي ڪيا. هن ٽن (٣) ٻيلن جي جملي ايراضي ١٤ هزار ايڪڙن مان ٩ هزار ٩٠٠ ايڪڙ هن اسڪيم هيٺ آندي وئي ان سموري زمين تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. تنهن هوندي به هاري پنهنجي جدوجهد جي ذريعي پنهنجين زمينن تي قابض آهن.

## ١ فرنٽيئر قباگلي:

٢٢ ڪلات ۽ فرنٽيئر جي ڪن خاص ماڻهن کي نوازڻ لاءِ هنن ٧ سئو ٢٥ ايڪڙ زمين ڏني وئي آهي. انهن مان ڪو به اهڙو ماڻهو نه آهي. جو جنهن جو تعلق غريب طبقي سان هجي.

٢٢

رشيد احمد لنڊ
## پيلا، فوجي فائونڊيشن ۽ مڪاني هاري

انگريز سرڪار سنڌ تي فاتح ٿي عوام تي خاص ڪري آباد ڪار هاري تي ڪنٽرول ڪرڻ جو طريقو سوچي سنڌ جي زمين جي ١٨٦٣ع ۾ سيٽيمنٽ ڪئي.

سيٽلمينٽ ڪرڻ ۾، انگريز سرڪار ڏٺو ته ڪابه اهڙي زمين بچت نه آهي. جيڪا ناقبولي، سرڪار يا اسٽيٽ جي چئي سگهجي ۽ سرڪار جي طرف کان هاري ۽ آبادگارن کي محتاج بنائي سگهجي وري ان زمين کي اسٽيٽ ۾ آڻڻ يا سرڪاري نالي رکڻ لاءِ ١٨٨٥ع ۾ سيٽلمينٽ ڪري رڪارڊ ۾ نشان بدلائي مالڪي ختم ڪئي وئي.

جيڪا زمين ان سال ۾ ليٽ پاڻي تي آباد هئي. ان تي مالڪي جو نالو حد نشان ڏئي باقي زمين سرڪار جي نالي لکي وئي. پيو درياه کي بند ڪري زمينون بنجر ۽ قديم بنايون ويون. ڪن هارين ڪوهه کوٽائي زمينون آباد ڪيون. جيڪي آباد ڪري نه سگهيا ۽ قائم ڍل ڀري نه سگهيا تن جون زمينون ضبط ڪيون ويون. اهڙي طرح سان زمين رکندڙ آبادي جو هڪ حصو بي زمين ٿي ويو. اهڙيون زمينون جهنگل هيٺ آڻي پيلا قائم ڪيا ويا. جيڪي زمينون هارين جون هيون تن کي ائين ڇيو ويو جڏهن ته بئراج جو پاڻي آيو ته پيلا ختم

## پيلي جي زمين تي ڌاڙيلن جا ڇاپا

پيلي جي زمين جيڪا پيلي جي خاتمي ڪانپوءِ هارين کي ملڻ کپندي هئي انهيءَ تي آرمي فارم وارا سول نوڪر شاهي جي مدد سان اچي ڌاڙيلن جيان قابض ٿيا.

١٩٦٧-٨-٧ تي ويسٽ پاڪستان گورنمينٽ جي هڪ ليٽر موجب پيلي جي ماڏا ست هزار ايڪڙ ٽرانسفر ڪئي وئي.

اهڙي طرح ١٩٧١-٩-٢٤ جي هڪ گڏجاڻي ۾ ۾ ڊي - ايف - او چيو ته پلانٽيشن تي ١٧٠،٠٠٠ خرچ ٿيل آهي. تنهنڪري يا ته ان جي قيمت ڏني وڃي يا نيلام ذريعي نيڪال ڪئي وڃي. وڻن جي قيمت جو فيصلو ميٽنگ ۾ ٿي نه سگهيو، تنهن هوندي به ڊائريڪٽر آف سيٽلمينٽ سروي حيدرآباد انسپيڪٽر آف سروي گڏو بئراج کي هڪ ليٽر موڪليو. جنهن ليٽر ۾ چيو ويو ته ” اوهان کي چيو وڃي ٿو ته هيٺين حڪم مطابق سڄي پيلي جي سروي ايراضي نمائنده ايم - ايف - آر - (M. F. R. O) ميجر حنيف کي ڏيکاري وڃي ۽ سرٽيفڪيٽ نشانن جو حاصل ڪيو وڃي. تنهن ڪري تون ميجر حنيف سان ملي بلاڪ سروي ٿيل ايراضي جو تفصيل سي - او گڏو بئراج سکر کي موڪل ته جئن هو شيڊول تيار ڪري سگهي، ۽ صالحاني پيلي جي ٣٠٠ ايڪڙ ايراضي بلاڪ سروي ڪئي وڃي ته جيئن

جج پنوعاقل ڪوڙو سمجهي، هارين کي باعزت بري ڪيو. ديهه اِنسپڙڪي ۽ ساجن اِنبڙ جي ڪوه لسي آباد ٿيندڙ زمين تي قبضي ڄمائڻ لاءِ ڪوڙو ڪيس مئنيجر آرسي فارم داخل ڪيو جيڪو سول جج پنوعاقل انصاف ڪري مئنيجر يعقوب کي ڪوڙو قرار ڏيئي مٿس هڪ سؤ روپيه ڏنڊ وڌو.

١٩٧٩ع ۾ ديهه صالحاڻي ۾ مئنيجر محمد حسين جي غنڊن هر هڪ عزيز الله، خير محمد، دوست محمد، شفيع محمد ۽ ٻين ٻروهين رات جو فائدو وٺي گل محمد انبڙ جون ٥٠٠ من ڪاٺيون چوري ڪٽايون. چورن کي اٺن سميت هارين پڪڙي پوليس جي حوالي ڪيو. مگر ايس-ايچ- او سرفراز پٺسا وٺي فرياد نه ورتي ڪورٽ ۾ هيءَ سڌي فرياد داخل ڪئي ويئي جيڪا هن وقت تائين ڪورٽ ۾ هلندڙ آهي.

احمد الدين انبڙ جي هارين هرهڪ سڄل ۽ نذير جتوئي کي بي دخل ڪرڻ لاءِ اي- ايس- آءِ اشرف چوڌري ڪوڙي فرياد ۾ هڪ هفتو ناحق روڪ بند ڪيو ۽ ٥٠٠ روپيه وٺڻ بعد کين ڇڏيو.

١٩٧٩ع ۾ ديهه هاليجي جي بلاڪ نمبر ١٧ جي قبضي ڇڏائڻ لاءِ آرسي ايجنٽن جمال الدين ۽ شمس الدين ڪوڙي فرياد عبدالخالق ۽ احمد الدين انبڙ تي داخل ڪئي، جيڪا انسپيڪٽر عنايت الله سوسري جاچ ڪري ڪوڙي ڪري هارين کي آزاد ڪيو.

١٩٨٠ع ۾ ڏيهه ٻرت جي هارين کي ٻي دخل ڪرڻ لاءِ ۽ هارين تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪري لقمان ۽ ٻين کي گرفتار ڪري سندن زمين تي چوڌري فلڪ شير ۽ ٻين حملو ڪيو مگر نندين ٻارن، ڏاڙن ۽ عورتن انهي حملي کي پسپاءِ ڪيو، ايس- ايچ- او سرفراز هارين کان فرياد به ورتي-

ڳوٺ پير محمد انبڙ ۾ چوڌري سٺهو خان ۽ لال‌خان هارين کان قبضو ڇڏائڻ لاءِ پنجاب جا غنڊه گهرائي بندوقن ۽ رائيفلن سان حملو ڪرايو، گهرن کي باهه ڏياري ويئي، هارين لٺين سان مقابلو ڪري مقابلو ڪري مجرمن کي هٿيارن سميت پڪڙي پوليس حوالي ڪيو مگر الٽو هارين کي جيل ۾ بند ڪيو ويو-

مارچ ١٩٨٠ع ۾ ڏيهه انبڙڪي ۾ تلسيءَ ۾ مئنيجر آرمي فارم يعقوب ۽ ڪرنل حسين، شير زمان، عبدالرحمان، شمن شاهه ۽ ٻيا غنڊه نواب شاهه ۽ دوڙ کان گهرائي هارين محبوب فيض محمد ۽ عبدالخالق ۽ ٻين جي ٻينڊل سرنهن جي فصل کٽي رهيا هئا- هارين فصل لٽندو ۽ کڄندو ڏسي منع ڪئي ته غنڊن سان فائرنگ ڪئي ۽ ڪهاڙين سان حملو ڪيو، هارين مجرمن جو سخت مقابلو ڪيو، مقابلي ۾ غنڊن شمن شاهه، بشير ۽ موج دريا جون هارين لٺين سان ٻانهون ڀڄيون ۽ پستولن سميت گرفتار ڪري پوليس جي حوالي ڪيو- پر پوليس 13-D (تيرنهن-ڊي)

جي ڪوڙي ڪارروائي هارين تي ڪئي. جڏهين ته اڏن هارين جو ڪهاڙين سان زخمي ڪري مٿو ڦاڙيو ويو هو. ڊي- سي لاسنيم احـمد صديقي سرزمين تي اچي هاريـن سان ٿيل ظلم ڏسي فصل هارين کي ڏياريو ۽ پنهي ڌرين جون فريادون واپس ڪيون.

ديهه هاليجي ۽ صالحاڻي جـــي هارين کي بيدخل ڪرڻ لاءِ مئنيجر صالحاڻي فارم، مختيارڪار سيد شهزادعلي نقوي ۽ قاضي جان محمد انجنيئر گهوٽڪي پڻ ساز باز ڪري هارين جو مقرر ڪڙيو نمبر ١١ - ايل بند ڪرايو ۽ هارين جــي پنهنجي خرچ تـــي ٺهرايل واٽـــر ڪورس ٽريڪٽرن سان ڊهرايو ويو ۽ احمدالدين ۽ رجل انڊڙ کي ڪوڙي فرياد تي پوليس حوالات ۾ هڪ هفتو ڪـن رکيو ويو. هن واٽر ڪورس تي ١٨٠٠ ايڪڙ زمين آباد ٿيندي هئي جنهن ڪري انهيءَ ايراضي جو فصل سڪي ويو. ١٠٠ هارين جو عيال بکون ڪاٽيندو رهيو. سڀني آفيسرن کي دانهون ڏنيون ويون پر ڪوبه ڪنڙ ٽيل نه نڪتو ۽ هن وقت تائين هارين جي زمين جـو پاڻي بند آهي مگر واٽر ڪورس جو آبيانو وصول ڪيو وڃي ٿو.

